# صِدّيق اکبر جي
# ايمان جو شان

12-January-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

12 جنوري، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صِدّيق اڪبر جي ايمان جو شان

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... صِديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جهڙا تي وجو!

✿... صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

✿... جڏهن صديق جو ايمان ساهمي ۾ توريو ويو...!!

✿... صديق جي ڪمال ايمان جو هڪ راز

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

مسلمانن جو پهريون خليفو، اميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْه ارشاد فرمايو: نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلدي مِٽائيندو آهي جو پاڻي به باهه کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.[1]

اپنے خطاواروں کو اپنے ہی دامن میں لو
کون کرے یہ بھلا تم پہ کروروں درود

کرکے تمہارے گناہ مانگیں تمہاری پناہ
تم کہو دامن میں آ تم پہ کروروں درود[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان

---

[1] تاريخ بغداد،جلد:7،صفحه: 172۔

[2] حدائقِ بخشش، صفحه:271۔

[3]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جهڙا ٿي وڃو!

سيپارو: 3 سورة آلِ عمران، آيت: 79 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ

(سيپارو: 3 سورة آلِ عمران، آيت: 79)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله وارا ٿي وڃو.

حضرت ابو عبّاس عطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ اسان کي ڪهڙي شخصيت جهڙو ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي؟ فرمايائون: هن آيت ۾ حڪم ڏنو ويو آهي تہ توهان صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جهڙا بڻجي وڃو! (ڇوتہ جهڙو ربّاني يعني الله وارو صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه آهي، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کان بعد اهڙو الله وارو ٻيو ڪير بہ نہ آهي)، حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه اهڙا ربّاني (الله وارا) آهن، سندن الله پاڪ تي، توحيد تي اهڙو ڪامل ايمان آهي جو زماني جو ڪوبہ حادثو ايستائين جو پوري زمين هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي وڃي، پوءِ بہ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي دل تي ان جو ڪو اثر ناهي ٿيندو، سندن دل ۾ ايمان پوري عزت ۽ شان و شوڪت سان قائِم رهندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن وضاحت مطابق قرآنِ ڪريم ۾ اسان کي مسلمانن جي پهرين خليفي، خليفةُ الرَّسول، صديقِ

---

[1] ڪتاب اللمع ،صفحہ:168۔ خلاصۃً

اڪبر، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي يارِ غار ۽ يارِ مزار حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جھڙو ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو.

اھڙي طرح ھڪ ٻئي مقام تي اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَّ اتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ (سيپارو: 21، سورة لقمان: 15) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منھنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي ھل. |

سُلطانُ المُفَسِّرين، حضرت عبدُ اللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما فرمائن ٿا: ھن آيتِ ڪريمہ ۾ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ يعني اللّٰہ پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ واري مان مُراد حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ آھن.[1]

اللّٰہ پاڪ اسان کي يارِ غارِ رسول حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي سيرت تي ھلڻ، سندن پاڪيزہ ڪردار، نوراني اخلاق ۽ نرالي عادتن جو فيضان نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| | |
|---|---|
| بھٹک سکتے نہیں ہم اپنی منزل ٹھوکروں میں ہے | نبی کا ہے کرم اور رہنما صِدّیق اکبر ہیں |
| گناہوں کے مرض نے نیم جاں ہے کردیا مجھ کو | طبیب اب بس مرے تو آپ یا صِدّیقِ اکبر ہیں |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايمان پھرين نيڪي آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان يعني ڪلمو طيّب لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه پڙھي ڪري دائرہءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ سڀ کان پھرين نيڪي آھي. آخرت جي فضائل

[1] تفسيرِ بغوی،پارہ:21،سورۂ لقمان،زیرِ آیت:15،جلد:3،صفحہ:509۔

جو دروازو انهيءَ نيڪي (يعني ايمان) سان ئي کُلندو آهي. جنهن ڪلمو پڙهي ورتو، ايمان قبول ڪري ورتو، اُخروي لحاظ سان وڏو فضيلت وارو آهي. پوءِ هي ايمان جيترو مضبوط ٿيندو، ايماني ڪيفيت ۾ جيتري قدر اضافو ٿيندو ويندو، بانهي جي فضائل ۾ اوتري قدر اضافو ٿيندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْهُم کان وٺي ڪري اڄ تائين تمام عاشقانِ رسول جو مُتفقہ عقيدو آهي تہ مسلمانن جو پهريون خليفو، وزير ۽ مشيرِ رسول، يارِ غار ۽ يارِ مزار، عاشِقِ اڪبر، صديقِ اڪبر، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْه انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کان بعد سيني انسانن کان افضل آهن.[1] پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْه جي افضل هجڻ جا ڪوڙ سبب آهن، انهن مان هڪ سبب هي بہ آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْه اُمّت ۾ سيني کان افضل ايمان وارا آهن.

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْه جي ايمان جو ڇا تہ شان آهي؟ پاڻ ايمان جو بلند ترين درجو ڪيئن ماڻيو؟ اسان گنهگار حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْه جي فيضان سان پنهنجو ايمان ڪيئن مضبوط ڪري سگهون ٿا؟ ان بابت ڪجھ مدني گُلَ اڄ اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اللّٰه پاڪ **ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰہ عَنْه جي ايمان جي صدقي اسان کي ايمان جو ڪمال نصيب فرمائي، ايمان جي تقاضائن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

عمر سے بھی وہ افضل ہیں عثماں سے بھی ہیں اعلیٰ | یقیناً پیشوائے مُرتضیٰ صِدّیقِ اکبر ہیں[2]

## (1) صديقِ اڪبر جو ايمان آسماني وحي جيان آهي

حضرت ربيعہ بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہ عَنْه فرمائن ٿا: **حضرت ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰہ عَنْه **جو اسلام آسماني وحي جِيان هو**، پاڻ مُلڪِ شام تجارت جي لاءِ ويَل هئا، اُتي سندن

[1] فتاویٰ رضويہ،ج:28،صفحہ:478۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:566 ۔

هڪ خواب ڏٺو، جيڪو بحيرا نالي راهب کي ٻڌايائون. ان پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان پڇيو: اوهان ڪٿان ڪان آيا آهيو؟ فرمايائون: مڪي ڪان. ان وري پڇيو: ڪهڙي قبيلي سان تعلق رکو ٿا؟ فرمايائون: قريش سان. پڇيائين: ڇا ڪندا آهيو؟ فرمايائون: تاجِر آهيان. اهو راهب چوڻ لڳو: جيڪڏهن اوهان جو خواب سچو آهي ته اوهان جي قوم ۾ هڪ نبي مبعوث ٿيندو، انهن جي حيات ۾ اوهان سندس وزير ٿيندا ۽ وصال کان بعد سندن جانشين ٿيندا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ان واقعي کي پوشيده رکيو، ڪنهن کي به نه ٻڌايائون. پوءِ جڏهن مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن نبوت جو اعلان فرمايو ته حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۾ عرض ڪيو: مان گواهي ڏيان ٿو ته الله پاڪ کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي ۽ مان ان ڳالهه جي گواهي ڏيان ٿو ته اوهان الله پاڪ جا سچا رسول آهيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: ان ڏينهن منهنجي اسلام آڻڻ تي مڪي شريف ۾ سرڪار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ ڪو به خوش نه هو.[1]

امیرُ المؤمنیں ہیں آپ، امامُ المسلمیں ہیں آپ | نبی نے جنّتی جن کو کہا صِدّیقِ اکبر ہیں

## (2) وڻ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ سان ڪلام ڪيو

حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پاڻ ارشاد فرمائن ٿا: جاهليت جي زماني ۾ مان هڪ ڏينهن هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ وينو هيُس. اوچتو ان وڻ جي هڪ ٽاري منهنجي طرف جهڪڻ لڳي ايستائين جو اها ايترو ويجهو اچي وئي جو منهنجي مٿي سان اچي لڳي. مان ان کي ڏسي رهيو هيُس ۽ دل ۾ سوچي رهيو هيس ته هي مون سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ انهيءَ وڻ مان هي آواز منهنجي ڪنن ۾ گونجهيو ته **الله پاڪ جو هڪ سچو نبي فلاڻي وقت ظاهر ٿيندو توکي گهرجي ته (ان تي ايمان آڻ ۽ ان جو دوست بڻجي ڪري) سڀ کان وڌيڪ سعادت مند بڻج.** مون ان کي چيو: مون کي واضح ڪري ٻڌاءِ ته اهو نبي ڪير آهي ۽ ان جو نالو ڇا آهي؟ ان

[1] الرياض النضرة،القسم الثانی،باب الاول،فصل الرابع،جز:1،صفحہ:72۔

چيو: مُحمد بن عبدُ الله بن عبدُ المُطلب بن هاشم. مون چيو: اهو منهنجو دوست ۽ منهنجو حبيب آهي. مون ان وٽ ڪان واعدو ورتو تہ جنهن وقت هو مبعوث ٿي وڃي تہ مون کي خوشخبري ڏجانءِ. جڏهن الله پاڪ جو محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مبعوث ٿيو تہ ان وقت وٽ مان آواز آيو: اي ابو قحافہ جا پٽ! اهو نبي مبعوث ٿي چڪو آهي هاڻي ڪوشش ڪيو ۽ قسم آهي موسٰي جي ربَّ جو! اسلام ۾ ڪو اوهان تي سبقت نہ ڪندو. جڏهن صبح ٿيو تہ مان رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ پهتُس. رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مون کي ڏسي ڪري فرمايو: اي ابوبڪر! مان اوهان کي الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي طرف سڏيان ٿو. مون چيو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جا رسول آهيو، الله پاڪ اوهان کي حق ڏئي ڪري روشن چراغ بڻائي ڪري موڪليو آهي، مون اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان آندو.[1]

| | |
|---|---|
| بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صِدّیقِ اکبر کا | ہے یارِ غار محبوبِ خدا صِدّیقِ اکبر کا |
| رُسُل اور انبیا کے بعد جو افضل ہو عالم سے | یہ عالم میں ہے کس کا مرتبہ صِدّیقِ اکبر کا |
| نبی کا اور خدا کا مدح گو صِدّیقِ اکبر ہے | نبی صدیق اکبر کا خدا صِدّیقِ اکبر کا[2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

❁ خَلِيفَۃ المُسلِمِين، جانشينِ رَحمَۃ لِّلعٰلَمِين، اميرُ المُومِنِين حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مبارڪ نالو: عبدالله، ۽ سندن ڪُنيت: ابوبڪر ۽ صديق ۽ عَتِيق سندن لقب آهن.[3] ❁ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ قريشي آهن ❁ ستين پيڙهي ۾

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:30، صفحہ:30۔
[2] ذوقِ نعت،صفحہ:76 ملتقطاً۔
[3] معجمِ ڪبير، جلد:1، صفحہ:20، حديث:9۔

سندن نسب رسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خانداني شجري سان وڃي ملي ٿو، ❁ آزاد مردن ۾ حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْه سڀ کان پهريان ايمان قبول ڪيو ❁ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْه اسلام جي خاطر تمام غزوات ۾ شريڪ ٿيا. ❁ صُلح ۽ جنگ جي سيني فيصلن ۾ نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا وزير ۽ مُشير بڻجي زندگي جي هر وات تي پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏئي جان نثاري ۽ وفاداري جو حق ادا ڪيو ❁ 2 سال، 7 مهينا مَسنَدِ خِلافت تي رونق اَفروز رهيا.[1] ❁ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْه جو 22 جُمادَی الأُخرٰي 13ھ تي انتقال ٿيو.[2] ❁ پاڻ سبز سبز گنبذ ۾ پنهنجي يارِ غار، رسولن جي تاجور صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پهلو ۾ آرام فرما آهن.

جو يارِ غارِ محبوبِ خدا صِدّيقِ اکبر ہیں
سبھی اَصحاب سے بڑھ کر مقرَّب ذات ہے انکی

وُہی یارِ مزارِ مصطفٰے صِدّیقِ اکبر ہیں
رفیقِ سرورِ اَرض و سما صِدّیقِ اکبر ہیں[3]

## صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْه هميش مسلمان آهن

اي عاشقانِ رسول! حضرت ابوبڪر صِديق رَضِیَ اللہُ عَنْه جي ايمان جو ڇا ته شان آهي جو پاڻ ننڍپڻ کان ئي مومن هئا. اعلٰي حضرت، امامِ اهلِ سنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 2 صحابه (1): هڪ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْه. (2): ٻيا مولاءِ ڪائنات مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْه. هي ٻئي عالَمِ اَرْواح ۾ جڏهن تمام روحن الله پاڪ جي ربّ هجڻ جو اقرار ڪيو هو، ان وقت کان وٺي ڪري دنيا ۾ پيدا ٿيڻ تائين، دنيا ۾ پيدا ٿيڻ کان وٺي ڪري جواني تائين، جواني کان وٺي ڪري نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلانِ نبوت فرمائڻ تائين، نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلانِ نبوت کان وفات تائين، وفات کان وٺي ڪري هميشه هميشه تائين مسلمان هئا ۽

---

[1] تاريخ الْخُلَفاء،صفحہ:54 ـ
[2] سنن کبریٰ للبیہقی ،کتاب الجنائز،باب غسلِ المراة زوجہا،جلد:4،صفحہ:106،رقم:6663ـ
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:565-566 ملتقطًاـ

مسلمان آهن، ڪڏهن، ڪنهن وقت، ڪنهن بہ حال ۾ هڪ گهڙي ڪن جي لاءِ بہ انهن ٻنهي جي پاڪ، طيّب دامنن کي ڪفر ۽ شرڪ جي ناپاڪي نہ ڪڏهن لڳي، نہ قيامت تائين لڳندي.[1]

بہتری جس پہ کرے فخر وہ بہتر صِدّیق
سروری جس پہ کرے ناز وہ سرور صِدّیق
سارے اَصحابِ نبی تارے ہیں اُمّت کے لئے
ان ستاروں میں بنے مِہرِ مُنَوَّر صِدّیق[2]

## ننڍپڻ شريف ۾ اعلانِ توحيد

مسلمانن جا پهريان خليفا، اميرُ المومنين حضرت ابو بکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي عمر مبارڪ 4 سال هئي، نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اجان اعلانِ نبوت نہ فرمايو هو، دنيا ۾ ڪفر ۽ شرڪ عام هو، صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو والد حضرت ابو قحافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جيڪو ان وقت تائين ڪفر جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هو، هڪ ڏينهن اهو حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي پنهنجي عبادت خاني وٺي ويو ۽ پٿرن جي ڄٽيل ڪوڙن خدائن جي سامهون بيهاري ڪري چيائين: پٽ! هي آهن تنهنجا بلند ۽ بالا خدا! هنن کي سجدو ڪيو! (اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!)

هي چئي ڪري ابو قحافہ هڪ طرف هليا ويا. هاڻي صرف صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ آهن ۽ سامهون پٿر جا بُتَ آهن، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٿورو اڳتي وڌيا، هڪ بُتَ جي ويجهو ويا ۽ فرمايائون: اِنِّیْ جَائِعٌ فَاَطْعِمْنِیْ مان بُکايل آهيان، مون کي کاڌو کاراءِ! اهو بي جان پٿر هو، نہ ان کي ڳالهائڻو هو، نہ ڳالهايائين. صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻيو سوال ڪيو: اِنِّیْ عَارٍ فَاکْسِنِیْ مون وٽ ڪپڙا ناهن، مون کي ڪپڙا ڏي! اهو بُت ڀلا ڇا ڳالهائي؟ هاڻي حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي جلال آيو، پاڻ هڪ پٿر کڻي فرمايائون: مان پٿر هڻان ٿو، جيڪڏهن خدا آهين تہ پاڻ کي بچائي ڏيکارِ!

---

[1] فتاویٰ رضويہ، جلد:28، صفحہ:458 خلاصتًہ۔
[2] ديوانِ سالک،صفحہ:69

اللہُ اڪبر! 4 سالن جو ٻار! ان جي ٻانهن ۾ ڪيتري طاقت هوندي؟ ڪيتري زور سان پٿر هٽي سگهندو؟ پر حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ٻازو جي طاقت ڏسو! پاڻ بُتَ کي پٿر هنيائون، فَخَرَّ لِوَجۡهِهٖ اهو بُت سندن ٻازو جي طاقت کي برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ اونڌي منهن زمين تي ڪِري ذرا ذرا ٿي ويو. ان جي ڪِرڻ جو آواز ٻڌي جناب ابو قحافہ ڊوڙندو آيو، پنهنجي باطل خدا جو حال بي حال ڏٺائين تہ ڪاوڙ ۾ حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي هڪ چماٽَ هنيائين ۽ ٻانهن مان پڪڙي گهر وٺي آيو، سندن والِده کي چيائين: ڏس! اڄ تنهنجي لاڏلي هي ڪارنامو ڪيو آهي. سندن والده محترمہ سڄو واقعو ٻڌو تہ چيائين: منهنجي پٽ کي ڇڏي ڏيو! ان جو ڪو قصور ناهي، جڏهن هي پيدا ٿيو هو تہ غيب مان آواز آيو هو: يَا اَمَۃَ اللہِ عَلَی التَّحۡقِيۡقِ اي الله پاڪ جي سچي ٻانهي، اِبۡشِرِیۡ بِالۡوَلَدِ الۡعَتِيۡقِ آزاد پٽ مبارڪ هجئي! اِسۡمُہٗ فِی السَّمَآءِ الصِّدِّيۡق آسمان ۾ ان جو نالو صديق آهي، وَلِمُحَمَّدٍ صَاحِبٌ وَّ رَفِيۡق ۽ هي محمد جو دوست آهي.

| | |
|---|---|
| یقیناً منبعِ خوفِ خدا صدیقِ اکبر ہیں | حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صدیقِ اکبر ہیں |
| جو یارِ غارِ محبوبِ خدا صدیقِ اکبر ہیں | وہی یارِ مزارِ مصطفےٰ صدیقِ اکبر ہیں[1] |

اميرُ المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي ننڍپڻ شريف جو هي واقعو پاڻ پنهنجي زباني نور جي پيڪر، نبين جي تاجور صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جي موجودگيءَ ۾، صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم جي سامهون ٻڌايو، جڏهن مڪمل ٻڌائي چڪا تہ حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡہِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ 3 ڀيرا چيائون: صَدَقَ اَبُو بَكۡرٍ ابوبڪر سچ چيو. صَدَقَ اَبُوبَكۡرٍ ابوبڪر سچ چيو. صَدَقَ اَبُوبَكۡرٍ ابو بڪر سچ چيو.[2]

| | |
|---|---|
| اَصۡدَقُ الصّادِقیں سیّدُ الۡمُتَّقِیں | چشم و گوشِ وزارت پہ لاکھوں سلام[3] |

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:565.

[2] اِرۡشادُ السّاری، ڪتاب مناقب انصار، باب اسلام ابو بڪر صديق، جلد:7، صفحہ:63.

[3] حَدائقِ بخشش، صفحہ:312.

وضاحت: يعني سچن ۾ سچا، متقين جي سردار، وزيرِ مصطفٰي، حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه تي لکين سلام هجن.

## صديقِ اڪبر جي ايمان جو شان

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عمر رَضِيَ الله عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَوْ وُزِنَ اِيْمَانُ اَبِيْ بَكْرٍ بِاِيْمَانِ اَهْلِ الْاَرْضِ لَرَجَحَ يعني جيڪڏهن ساهمي جي هڪ پُڙ ۾ ابوبڪر جو ايمان رکيو وڃي، ٻئي پُڙ ۾ تمام زمين وارن جو ايمان رکيو وڃي ته ابوبڪر جو ايمان سڀني زمين وارن جي ايمان کان وزندار ٿيندو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا ته شان آهي صديق رَضِيَ الله عَنْه جي ايمان جو. زمين وارن ۾ صحابهءِ ڪرام رَضِيَ الله عَنْهم به آهن، تابعين به آهن، قيامت تائين اچڻ وارا امّت جا اولياء به آهن، گذريل امّتن جا مسلمان به آهن، انهن سڀني جو ايمان هڪ پاسي يارِ غارِ مصطفٰي، عاشقِ اڪبر، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ الله عَنْه جو ايمان هڪ پاسي، جيڪڏهن انهن سڀني جو ايمان ساهمي ۾ رکي ڪري حضرت ابوبڪرصديق رَضِيَ الله عَنْه جي ايمان سان توريو وڃي ته ابوبڪرصديق رَضِيَ الله عَنْه جو ايمان وڌيڪ وزندار ٿيندو.

اُن کے مَدّاح نبی، اُن کا ثَنا گو اللہ | حق اَبُوالفَضل کہے اور پیمبر صِدّیق[2]

## جڏهن صديق جو ايمان ساهميءَ ۾ توريو ويو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ هوندو آهي صرف علم، هڪ هوندو آهي تجربو، ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. مثال طور هڪ شخص آهي، اهو چئي ٿو: ماکي مِٺي هوندي آهي. پر حالت هي آهي جو ان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ماکي کاڌي ناهي،

---

[1] الکامل فی الضعفاءالرجال،جلد:5،صفحہ:214، رقم:1015- عبد اللہ بن عبد العزیزبن ابی روّاد ۔
[2] دیوانِ سالک،صفحہ:70

ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي، يا ماڻهن کان ٻڌي ڪري چئي رهيو آهي ته ماڪي مِٺي هوندي آهي. هڪ ٻيو شخص آهي، ان ماڪي پاڻ کاڌي آهي، اهو به چئي ٿو: ماڪي مِٺي هوندي آهي. هاڻي ڳالهه ٻنهي جي سچي آهي، ماڪي واقعي مٺي هوندي آهي پر ٻنهي جي ڳالهه ۾ فرق آهي، پهريون شخص صرف ٻڌل ٻڌايل ڳالهه چئي رهيو آهي، ٻيو شخص پنهنجو تجربو ٻڌائي رهيو آهي، ٻنهي جي خود اعتمادي ۾، ٻنهي جي سچ چوڻ ۾ وڏو فرق آهي.

قربان وڃو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صرف فرمان جو عالَم ھي آهي ته جيڪا ڳالهه مصطفٰي جي زبان مان نڪري وڃي، اها پٿر تي لڪير هوندي آهي، دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي سگهي ٿي، زمين مٽي، آسمان هيٺ ٿي سگهي ٿو پر مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان بدلجي نه ٿو سگهي، بلڪ اسان جي آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ته هي آهي جو

| | |
|---|---|
| تمہارے مُنہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی | جو دِن کو کہہ دیا شب تورات ہو کے رہی |

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اندازو لڳايو! جن جي فرمانِ عاليشان جو هي عالَم هجي جو ان ۾ شڪ ۽ شبهي جي هڪ فيصد به گنجائش نه هجي، انهن جي تجربي جو عالَم ڇا هوندو.

هاڻي ٻڌو!اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جيڪو فرمايو: لَوْ وُزِنَ اِيْمَان اَبِيْ بَكْرٍ مَعَ اِيْمَانِ اَهْلِ الْاَرْضِ لَرَجَحَ (جيڪڏهن ابوبڪر جو ايمان تمام زمين وارن جي ايمان سان توريو وڃي ته ابوبڪر جو ايمان وزندار ٿيندو.)[1] هي ڳالهه سرورِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صرف پنهنجي علم سان ناهي چئي، باقاعدا ان جو تجربو به ڪيو ويو آهي، جي ها! حديثِ پاڪ ٻڌو! الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون ڏٺو ته

---

[1] الکامل فی الضعفاءالرجال،جلد:5،صفحہ:214، رقم:1015۔

**جنت ۾ داخل ٿيو آهيان، پوءِ هڪ ساهمي آندي وئي، ان جي هڪ پُڙ ۾ مون کي ويهاريو ويو، ٻئي پُڙَ ۾ منهنجي سموري امّت کي ويهاريو ويو تہ منهنجو وزن منهنجي سموري امّت کان وڌيڪ هو، پوءِ هڪ پُڙَ ۾ سموري امّت کي رکيو ويو، ٻئي پُڙَ ۾ ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **کي ويهاريو ويو تہ ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **سموري امّت کان وزني هئا.**[1]

عِلْم میں زُہد میں بے شُبہہ تُو سب سے بڑھ کر
کہ امامت سے تری کھل گئے جوہر صِدّیق
اِس امامت سے کُھلا تم ہو امامِ اکبر
تھی یہی رمزِ نبی، کہتے ہیں حیدر صِدّیق[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مضبوط دين وارا

بخاري ۽ مسلم جي حديثِ پاڪ آهي، صحابيءِ رسول حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون خواب ڏٺو، مون تي ماڻهو پيش ڪيا ويا، انهن کي قميص پاتل هئي، ڪنهن جي قميص سيني تائين هئي، ڪنهن جي ان کان بہ گهٽ (۽ هڪ ٻيءَ روايت ۾ آهي: ڪنهن جي قميص سيني تائين هئي، ڪنهن جي ڌُنَ تائين، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي اڌ پِنيءَ تائين[3])، پوءِ مون کي عمر فاروقِ اعظم (رَضِیَ اللہُ عَنْہ) ڏيکاريا ويا، انهن جي قميص سندن پيرن کان بہ هيٺ هئي جو هلڻ ۾ گهلجي رهي هئي. صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہم پڇيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان ان جي تعبير ڪهڙي ڪئي؟ فرمايائون: دين.[4]

يعني اهي ماڻهون جن جي قميص سيني تائين هئي، اهي ڪمزور ايمان وارا هئا، جن جي قميص ڌُنَ تائين هئي، پهرين کان مضبوط ايمان وارا، جن جي

[1] الابانۃ الکبریٰ لابن بطۃ،جز:4،جلد:6،صفحہ:816 ،حديث:243۔
[2] ديوانِ سالک،صفحہ:72
[3] الصواعق المحرقۃ،باب الخامس ،فصل الرابع ،صفحہ:119،حديث:41۔
[4] بخاری،کتاب بدء الايمان،باب تفاضل اہل الايمان فی الاعمال ،صفحہ:76 ،حديث:23۔

قميص گوڏن تائين هئي، اهي وڌيڪ ڪامل ايمان وارا، جن جي اڌ پِنيءَ تائين هئي، انهن جو ايمان پهرين ڪان وڌيڪ مضبوط ۽ انهن ڏيڪاريل ماڻهن مان سيني ڪان مضبوط ۽ ڪامل ۽ اڪمل ايمان وارا حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ هئا، جو انهن جي قميص پيرن جي هيٺ تائين گهلجي رهي هئي.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ان خواب ۾ نبوي تعبير مان خبر پئي ته حضرت عمر فاروقِ اعظم نهايت ئي ڪامِل ايمان وارا ۽ مضبوط دين وارا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪامل ايمان ۽ مضبوط دين واري شخصيت يعني حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ پنهنجي پيشوا ۽ امام يعني حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن؟ ٻڌو! روايتن ۾ اچي ٿو: مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ فرمايو: لَوْ وُزِنَ اِيْمَانُ اَبِي بَكْرٍ بِاِيْمَانِ اَهْلِ الْاَرْضِ لَرَجَحَ بِهِمْ جيڪڏهن ابوبڪر جو ايمان تمام زمين وارن جي ايمان سان توريو وڃي ته ابوبڪر جو ايمان سيني زمين وارن جي ايمان کان وڌي ويندو[1] پوءِ فرمايائون: وَدِدْتُ اَنِّي شَعْرَةٌ فِيْ صَدْرِ اَبِيْ بَكْرٍ منهنجي خواهش آهي ته ڪاش! مان ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي سيني جو وارُ هجان ها.[2]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي ايمان جو شان ڏسو! اُمّت ۾ نهايت ڪامل ايمان واري، نهايت مضبوط دين واري شخصيت حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ سندن سيني جو هڪ وار هجڻ جي خواهش ڪري رهيا آهن، هاڻي غور فرمايو! اسان جهڙن گنهگارن جي ايمان جو جنابِ صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي ايمان سان ڪهڙو مقابلو ٿيندو...!!

مصطفٰی کے ہمسفر! ابو بکر ابو بکر — گلی گلی نگر نگر! ابو بکر ابو بکر
لٹایا جس نے اپنا گھر! ابو بکر ابو بکر — احسان جس کا دین پر! ابو بکر ابو بکر
ہیں چرچے جس کے عرش پر! ابو بکر ابو بکر — لگے گا نعرہ فرش پر! ابو بکر ابو بکر

---

[1] فضائل الصحابہ لاحمد بن احنبل، صفحہ:418، حديث:653۔
[2] موسوعہ ابن ابی الدنيا، کتاب الْمُتَمَنِّين، جلد:2، صفحہ:551۔

## صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ايمان مشاهدي جي درجي ۾ هو

پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان جون مختلف ڪيفيتون ۽ مختلف درجا هوندا آهن، مثال طور ايمان جو هڪ درجو آهي: مشاهدو ۽ هڪ درجو: مجاهدو آهي. مجاهدي جي معنٰي آهي: ڀرپور ڪوشش ڪرڻ. جيڪو ٻانهو ايمان جي مجاهدي واري درجي ۾ هوندو آهي، اهو ايمان جي تقاضن تي عمل ته ڪندو آهي پر ان جي لاءِ ان کي شيطان لعين کي پري ڀڄائڻ ۽ شيطان کان وڙهڻو پوندو آهي جڏهن ته اهو ٻانهو جيڪو ايمان جي مشاهدي واري درجي ۾ هوندو آهي، اهو جڏهن عبادت ڪندو آهي ته ان جي سڄي توجهه الله ڪريم جي طرف هوندي آهي، اهو الله پاڪ جي قدرت، ان جي صفتن جي تجلين ۾ گم ٿي ڪري ائين عبادت ڪندو آهي، ڄڻ ته اهو الله پاڪ کي ڏسي رهيو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! مسلمانن جا پهريان خليفا، اميرُ المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْہ جو شان هي آهي ته پاڻ ايمان جي مشاهدي واري درجي ۾ هئا. جيئن ته شيخُ المشائخ (يعني اولياءِ ڪرام جا استاد) حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حديثن ۾ آيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْہ رات جي وقت نماز ۾ قرآنِ ڪريم آهسته آواز سان تلاوت فرمائيندا هئا ۽ جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ نماز پڙهندا هئا ته قرآنِ ڪريم بلند آواز سان پڙهندا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہ عَنْہ کان پڇيو: اي عمر! تون رات جو بلند آواز سان تلاوت ڇو ڪندو آهين؟ عرض ڪيائون: اُوْقِظُ الْوَسْنَانَ وَاَطْرُدُ الشَّيْطَانَ يعني مان سُتلن کي جاڳائيندو ۽ شيطان کي ڀڄائيندو آهيان.

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْہ کان پڇيو: اي ابوبڪر! تون آهسته آواز ۾ تلاوت ڇو ڪندو آهين؟ عرض ڪيائين: قَدْ اَسْمَعْتُ مَنْ نَاجَيْتُ يَا رَسُوْلَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مان جنهن ربُّ العالمين کي ٻڌائي رهيو هوندو آهيان، اهو ربُّ ڪريم (ته دلين جا حال به چڱي

طرح جاڳيندو آهي، تنهنڪري) منهنجو آهستہ پڙهڻ بہ ٻڌندو آهي.[1]

داتا حُضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي (يعني حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي عمل مبارڪ ۾) مجاهدي جي شان جو مظاهرو آهي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جي عمل مبارڪ ۾ مشاهدي جي شان جو مظاهرو آهي. داتا حُضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: مشاهدي ۽ مجاهدي جو مثال ائين آهي جيئن سمنڊ ۾ قطرو (يعني ايمان جي مشاهدي وارو درجو جيڪڏهن سمنڊ آهي تہ مجاهدي وارو درجو قطري جيان آهي).[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي صدقِ اڪبر جي ايمان جو شان...!! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جن جي متعلق پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ڏنو ۽ تعبير ڇا فرمائي؟ دين جي مضبوطي. اهو عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جنهن جي ذريعي اسلام جي عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيو، اهو عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه جي مقابلي ۾ هڪ حصو پلائي جا مالِڪ آهن تہ غور فرمايو! دنيا جا باقي ماڻهو صِدّيقِ اڪبر جي مقابلي ۾ ڪهڙي درجي تي هوندا...!!

| | |
|---|---|
| عمر سے بھی وہ افضل ہیں وہ عثماں سے بھی ہیں اعلیٰ | یقیناً پیشوائے مُرتَضیٰ صِدّیقِ اکبر ہیں |
| خُدائے پاک کی رحمت سے انسانوں میں ہر اِک سے | فُزوں تر بعد از کُل انبیا صِدّیقِ اکبر ہیں[3] |

## "صِدِّيقِ اَڪبَر" جي معنٰي

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابو بڪر صِديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جو نهايت پيارو ۽ مشهور لقب آهي: صِدّيقِ اڪبر. هي لقب پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه کي ڪٿان مليو؟ ڪنهن ڏنو؟ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه کي هي لقب الله پاڪ

[1] ابو داود،كتاب التطوع،باب رفع الصوت بالقراءة فی صلاة الليل،صفحہ:217،حديث:1329۔
[2] فضائل الصحابہ لاحمد بن احنبل،صفحہ:429،حديث:678۔ كَشْفُ الْمَحْجُوب(مترجم)،صفحہ:102بتغير قليل۔
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:566 ۔

ڏنو، حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام ڪيس صديقِ اڪبر چئي ڪري پڪاريو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن به ڪين صِدّيقِ اڪبر جي مبارڪ لقب سان نوازيو.

هاڻي غور ڪرڻو آهي ته **صديقِ اڪبر** جي معنٰي ڇا آهي؟ هونئن ته صديق جي معنٰي هوندي آهي: نهايت سچو. يقينن حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْه تمام گهڻا سچا آهن، ان سان گڏوگڏ صديق جي هڪ معنٰي آهي: تصديق ڪرڻ وارو. تصديق ڇا کي چوندا آهن؟ پختو يقين ۽ اعتماد کي تصديق چوندا آهن ۽ هي تصديق ڇا آهي؟ تصديق ايمان آهي. جي ها! ايمان جي تعريف آهي: هُوَ التَّصْدِيْقُ بِمَا جَاءَ بِهٖ مُحَمَّد يعني محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪو دين آندو، ان جي تصديق ڪرڻ کي ايمان چوندا آهن.[1] مطلب ته: ايمان تصديق جو نالو آهي ۽ صديق جي معنٰي آهي: تصديق ڪرڻ وارو. يعني صِدّيقِ اڪبر جي معنٰي ٿيندي: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي، سندن آندل دين تي سيني کان وڏيڪ اهڙو ايمان آڻڻ وارو، جهڙو ايمان ڪنهن نه آندو.

سبھی علمائے اُمّت کے، امام و پیشوا ہیں آپ
خدائے پاک کی رحمت سے انسانوں میں ہر اک سے

بِلاشک پیشوائے اَصفیا صدّیقِ اکبر ہیں
فُزوں تر بعد از کُل انبیا صدّیقِ اکبر ہیں[2]

## صِدّيقِ اڪبر تصديق ڪرڻ وارا آهن

سيپارو: 24، سورة زُمر، آيت: 33 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ الَّذِیْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَ صَدَّقَ بِهٖۤ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۳۳﴾

(سيپارو: 24، سورة زُمر، آيت: 33)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو هي سچ کڻي تشريف وٺي آيو ۽ جنهن هن جي تصديق ڪئي اهي ئي پرهيزگار آهن.

---

[1] شرح العقائد النسفيه، صفحه:273.

[2] وسائلِ بخشش، صفحه:566.

مسلمانن جا چوٿان خليفا عليُ المُرتضٰي شيرِ خدا رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ سچ آڻڻ واري مان مُراد حُضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ذات پاڪ آهي ۽ تصديق ڪرڻ واري مان حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْہ مُراد آهن.[1]

اَصۡدَقُ الصّادِقِیں سَیِّدُ المُتَّقِیں | چشم و گوشِ وِزارت پہ لاکھوں سلام[2]

## صِدّيقِ اڪبر بنا سوچڻ جي ايمان قبول ڪيو

حضرت عبدُ الله تميمي رَضِیَ اللہ عَنْہ روايت ڪن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون جنهن شخص کي بہ اسلام جي دعوت ڏني ان سوچيو ۽ ٿورو گهڻو غور ۽ فڪر ضرور ڪيو پر ابو بڪر صديق کي جڏهن مون اسلام جي دعوت ڏني تہ انهن بنا سوچ ويچار ۽ غور ۽ فڪر جي فوراً ڪلمو پڙهي ورتو.[3]

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! هي آهي صديقِ جي ايمان جي شان...!!

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صِدّیقِ اکبر کا | ہے یارِ غار محبوبِ خدا صِدّیقِ اکبر کا[4]

## "صديق جي ايمان" جي گواهي

بخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي، صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان کي فجر جي نماز پڙهائي، سلام ڦيرڻ کان بعد رُخِ انوَر اسان ڏي ڪيائون ۽ فرمايائون: هڪ شخص پنهنجي ڍڳي کاهي وڃي رهيو هو، پوءِ اهو ان تي سوار ٿي ويو ۽ ڍڳي کي مارڻ لڳو، ان تي ڍڳيءَ ان شخص کي چيو: اِنَّا لَمۡ نُخۡلَقۡ لِهٰذَا

---

1 تفسيرِ ڪبير،پاره:24،سورهٔ زُمر،زيرِ آيت:33،جلد:9،صفحه:452ـ
2 حدائقِ بخشش،صفحه:312ـ
3 تاريخ مدينه دمشق، جلد:30،صفحه:44 ـ
4 ذوقِ نعت،صفحه:76 ـ

يعني اسان هن ڪم (يعني سواريءَ) جي لاءِ ناهيون بڻايون ويون، اِنَّمَا خُلِقْنَا لِلْحَرْثِ اسان کي تہ الله پاڪ ٻني ٻاري جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

(هاڻي ڏڳي، بي زبان جانور عربي زبان ۾ ڪلام ڪري، تعجب جي ڳالهہ تہ آهي، بهرحال) صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْھم تعجب مان چيو: سبحان الله! ڇا ڏڳي بہ ڳالهائيندي آهي؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْھم جي ان تعجب جي جواب ۾ فرمايو: فَاِنِّیْ اُوْمِنُ بِهٰذَا، اَنَا وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَر (يعني ڏڳي ڳالهائيندي ناهي پر الله پاڪ چاهي تہ ڏڳيءَ کي بہ ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي سگهي ٿو ۽) ان تي مون بہ ايمان آندو، ابو بڪر بہ ايمان آندو ۽ عمرِ فاروق بہ ان جي تصديق ڪئي.

پوءِ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ٻيو واقعو بيان ڪيو، فرمايو: هڪ ڌنار پنهنجي ٻڪرين جي نگهباني ڪري رهيو هو، اوچتو هڪ بگهڙ ٻڪرين تي حملو ڪيو ۽ هڪ ٻڪري کي پڪڙي ڪري ڪڻي ويو، ڌنار ان بگهڙ جي پنيان ڊوڙيو ۽ آخر ڪار ان کان ٻڪريءَ کي ڇڏائي ورتائين، جڏهن ان بگهڙ کان ٻڪري ڇڏائي تہ بگهڙ ڌنار جي طرف متوجهہ ٿيو ۽ چيائين: اي ڌنار! ٻڌاءِ تہ سهي! جڏهن وحشي جانورن جو ڏينهن ايندو، ان ڏينهن هنن ٻڪرين جي حفاظت ڪير ڪندو...؟ ان تي صحابہءِ رَضِیَ اللہ عَنْھم تعجب سان چيو: سبحان الله! ڇا بگهڙ بہ ڳالهائيندو آهي؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وري بہ اهو ئي جواب ڏنو، فرمايائون: فَاِنِّیْ اُوْمِنُ بِهٰذَا، اَنَا وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَر (يعني بگهڙ ڳالهائيندو ناهي پر الله پاڪ چاهي تہ ان کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي سگهي ٿو ۽) ان تي مون بہ ايمان آندو، ابو بڪر بہ ايمان آندو ۽ عمرِ فاروق بہ ان جي تصديق ڪئي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي صديق ۽ فاروق رَضِیَ اللہ عَنْھما جي ايمان جو شان...!! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْھم سوال ڪيو هو، تہ جيئن رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان کي سمجهي سگهن، پياري آقا، مديني واري

---

[1] بخاری،کتاب احادیث الانبیاء،صفحہ:891 ،حدیث:3471 ۔

مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو جواب ڇا ڏنو؟ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صديق ۽ فاروق جي ايمان ڪي گواهي طور بيان ڪيو تہ جڏهن مان رسولِ خدا تي ڪري ان تي ايمان رکان ٿو، ابوبڪر صديق تي ڪري ايمان رکن ٿا، عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فاروق تي ڪري ايمان رکن ٿا تہ يقيناً ڳالهہ اهڙي ئي آهي، جهڙي مون چئي آهي. علاّمہ ابنِ حجر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي تعجب جي جواب ۾ صِدّيقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا جي ايمان ڪي شاهدي طور ذڪر ڪيو، هي ان ڪري آهي جو) صديق ۽ فاروق رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا جو ايمان نهايت ڪامل ۽ يقين نهايت پختو آهي.[1]

## اللّٰه ۽ رسول تي ڪامل پروسو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جو ايمان ڪيڏو مضبوط هو، ان بابت وڏو مشهور واقعو آهي: غزوهٴ تبوڪ جو موقعو هو، دين جي خدمت جي لاءِ مال جي ضرورت هئي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صدقي ۽ خيرات جي ترغيب ڏياري، صحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم پنهنجي پنهنجي حيثيت جي مطابق راهِ خدا ۾ مال پيش ڪيو ۽ ماشآءَ الله! صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ تہ پوءِ صديق اڪبر آهن. پاڻ گهر ويا، گهر جوسڄو سامان کنيائون ۽ کڻي ڪري بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪري ڇڏيائون. جڏهن پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي ابو بڪر گهر وارن جي لاءِ بہ ڇڏي آيو آهين؟ تہ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله! گهر وارن جي لاءِ الله ۽ ان جو رسول ئي ڪافي آهي.[2]

پروانے کو چراغ تو بُلبُل کو پھول بس | صِدّیق کے لئے ہے خُدا کا رسول بَس

[1] فتح الباری،کتاب فضائل اصحاب النبی ،باب قول النبی ...الخ،جلد:7،صفحہ:35 ،تحت الحدیث:3663 ۔
[2] ترمذی، کتاب المناقب عن رسول اللہ، باب فی مناقب ابی بکر وعمر، صفحہ:838،حدیث:3684۔

## روزيءَ جو فڪر ئي نہ رهيو

سُبْحٰنَ اللّٰـه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو مبارڪ ايمان ڪيڏو ڪامل ۽ يقين ڪيڏو پختو آهي، گهر ۾ هڪ داڻو بہ نہ ڇڏيائون، سمورو مال ويڙهي بارگاهِ رسالت ۾ اچي پيش ڪيائون ۽ يقين، اطمينان ۽ توڪل ڏسو! عرض ڪن ٿا: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! گهر وارن جي لاءِ الله ۽ ان جو رسول ئي ڪافي آهي. حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه پاڻ فرمائن ٿا: جڏهن ڪان مون (سيپارو: 12، سورة هود جي) هي آيت:

| ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ زمين تي هلندڙ ڪو ساهه وارو اهڙو ناهي جنهن جو رزق الله جي ذمي ڪرم تي نہ هجي. | وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا (سيپارو: 12، سورة هود: آيت:6) |
|---|---|

پڙهي آهي، خدا جو قسم! مون روزيءَ جو فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.[1]

الله پاڪ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي اسان ڪي بہ اهڙو يقين، پختو ايمان نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| | |
|---|---|
| یقیناً منبعِ خوفِ خدا صِدّیقِ اکبر ہیں | حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صِدّیقِ اکبر ہیں |
| بِلا شک پیکرِ صبر و رضا صِدّیقِ اکبر ہیں | یقیناً مخزنِ صِدق و وفا صِدّیقِ اکبر ہیں |
| نہایت مُتّقی و پارسا صِدّیقِ اکبر ہیں | تقی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صِدّیقِ اکبر ہیں |
| امیرُ المؤمنیں ہیں آپ امامُ المسلمیں ہیں آپ | نبی نے جنّتی جن کو کہا صِدّیقِ اکبر ہیں[2] |

[1] ڪتاب اللمع،صفحہ:172۔
[2] ڪتاب اللمع،صفحہ:172۔

# صديق جي ايمان جي ڪمال جو هڪ رازُ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابو بڪر رضی اللہ عنہ کي اهڙو ڪامل ايمان نصيب ٿيڻ يقيناً الله پاڪ جي عنايت ۽ انهيءَ جي عطا سان آهي، باقي هي دنيا دارُ الاسباب آهي، يقيناً پاڻ رضی اللہ عنہ جي ڪامل ايمان جو ڪو ظاهري سبب بہ هوندو، اهو ڪهڙو آهي؟ عُلماء فرمائن ٿا: حضرت صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ روزانو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي هڪ ئي سوال پڇندا هئا: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ايمان ڇا کي چوندا آهن؟ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايمان جو هڪ درجو بيان فرمائيندا هئا حضرت صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ ان درجي تي عمل ڪندا هئا ۽ صبح جو اچي ڪري وري اهو ئي سوال پڇندا هئا: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ايمان ڇا کي چوندا آهن؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايمان جو اڳيون درجو بيان فرمائيندا هئا ائين صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ روزانو ايمان جو هڪ نئون درجو سکندا هئا ۽ هڪ ئي ڏينهن ۾ ان تي عمل ڪندي اڳئين ڏينهن نئون سبق وٺندا هئا، ائين ڪندا رهيا، روزانو پڇندا رهيا، ايمان جو هڪ هڪ درجو طئي ڪندا ويا، ايستائين جو ايمان جي بلند ترين (***Highest Level***) درجي تي پهچي ويا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! جذبو ڏسو! شوق ۽ ذوق ڏسو! حضرت ابوبڪر صِدّيقِ رضی اللہ عنہ روزانو پڇندا هئا: يا رسولَ الله! ايمان ڇا آهي ۽ جيڪو جواب ملندو هو ان تي هڪ ئي ڏينهن ۾ عمل ڪري، ايمان جو اهو درجو طئي ڪري اڳئين ڏينهن وري حاضر ٿي ويندا هئا.

سُبْحٰنَ اللّٰه! الله پاڪ اسان کي بہ اهڙو شوق ۽ ذوق نصيب فرمائي، نہ تہ اسان جو حال ئي عجيب آهي ❁ ڪاروبار جي باري ۾ ضرور سوچيو ويندو آهي ❁ مال جي متعلق حساب ڪتاب ضرور ڪيو ويندو آهي ❁ هڪ سال پهريان آمدن

---

[1] سبع سنابل مترجم ،صفحہ:68 بتغير قليل۔

ڪيتري هئي ❁ هاڻي ڪيتري آهي ❁ ايندڙ پنجن سالن ۾ ڪاروبار ڪيستائين پهچائڻو آهي ❁ ڪاروبار (*Business*) وغيره ۾ ترقي جو جائزو وٺڻ جي لاءِ مختلف انداز سان گراف (خانا) ٺاهيا ويندا آهن ❁ سالانه، ماهوار جائزا به ورتا ويندا آهن ❁ ماهرين کان مشورا به ورتا ويندا آهن پر افسوس...!! ❁ ايمان ۾ ڪيتري ترقي ٿي ان باري ۾ ڪير سوچي...!! ❁ مسلمانن جي گهر پيدا ٿيا هئاسين ❁ 20 سال، 30 سال، ڪنهن کي 40، 50 يا 60 سال به ٿي چڪا هوندا دنيا ۾ ايندي ❁ جڏهن بالغ ٿيا هئاسين، ان وقت ايماني ڪيفيتون جيڪي هيون، هاڻي به اهي ئي آهن ❁ عشقِ رسول جي جيڪا ڪيفيت ان وقت هئي، هاڻي به اها ئي آهي ❁ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي، ان وقت به روئڻ نه ايندو هو، هاڻي به نه ٿو اچي، بلڪ ان کان وڌيڪ ڏک ۽ افسوس جي ڳالهه ته هي آهي جو مسلمانن جي هڪ وڏي تعداد اهڙي به آهي جنهن کي قرآنِ ڪريم ڏسي ڪري به پڙهڻ نه ٿو اچي ❁ عذاب جون آيتون ٻڌي ڪري دل خوفِ خدا ۾ ان وقت به نه تڙپندي هئي، هاڻي به نه ٿي تڙپي ❁ نماز ۾ دل 20 سال پهريان به نه لڳندي هئي، هاڻي به نه ٿي لڳي...!! هاء افسوسِ! ڪاش! اسان کي پنهنجي ايمان جو فڪر نصيب ٿي وڃي ❁ دنيا جي سيني کان وڏي دولت اهو ئي ايمان ته آهي ❁ انهيءَ ايمان جي دولت جي ذريعي ته جنّت ملندي ❁ جنّتي محل نصيب ٿيندا ❁ جنّت جون نعمتون نصيب ٿينديون ❁ جنّت ۾ آقاء مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب ٿيندو ❁ هن دولت يعني ايمان کي مضبوط ڪرڻ ❁ ايماني ڪيفيتن کي وڌائڻ جو ڪو فڪر ئي ناهي، شايد هڪ وڏي تعداد هوندي، جن ڪڏهن سوچيو به نه هوندو ته ايمان جي ڪيفيتن ۾ به اضافو هجڻ گهرجي بلڪ ٿي سگهي ڪنهن ته اڄ ئي ٻڌو هجي ته هي به ڪو ڪم آهي.

جي ها! پيارا اسلامي ڀائرو! هي به هڪ ڪم آهي بلڪ اهم ترين ڪم آهي، اسان مومن آهيون، ايمان اسان جي زندگي جو سرمايو آهي، هن ايمان جي ترقي، ايماني ڪيفيتن جي ترقي جو به اسان کي ئي فڪر ڪرڻو آهي.

# ايمان جي تقاضائن تي عمل ڪيو!

ايمان جا ڪجهه شعبا هوندا آهن، جيڪي حديثن ۾ بيان ٿيا آهن، مُحدثن سڳورن ايمان جي شعبن جي باري ۾ پورا پورا ڪتاب لکيا آهن، هي شعبا اصل ۾ ايمان جي تقاضا آهن، انهن تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي. مثال طور: ❁الله پاڪ جي محبت ايمان جو هڪ شعبو آهي ❁ خوفِ خدا ايمان جو شعبو آهي ❁ عشقِ مصطفٰي ايمان جو هڪ شعبو آهي ❁ نماز پڙهڻ ايمان جو هڪ شعبو آهي، اسان نماز جي پابندي اختيار ڪيون ❁ روزا رکڻ ايمان جو هڪ شعبو آهي، روزا رکون، ايمان مضبوط ٿيندو ❁ حج ڪرڻ ❁ زڪوٰة ڏيڻ ❁ دين جي خدمت ڪرڻ ❁ شڪر ڪرڻ ❁ زبان کي گناهن کان بچائڻ ❁ حياء اپنائڻ ❁ گناهه ڇڏڻ هي سڀ ايمان جا شعبا آهن، انهن تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو، ڪاش! اسان ايمان جي انهن شعبن تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، جيئن ڪاروبار جو، آمدن خرچ وغيره جو گراف بڻائيندا آهيون، ائين انهن جو به هڪ گراف بڻائڻ گهرجي، مثال طور ❁ ڏينهن ۾ 5 نمازون پڙهڻ ته فرض آهي، هي ته پڙهڻيون ئي پڙهڻيون آهن ❁ ان سان گڏوگڏ نفلن جو به اسان گراف بڻائي وٺون، مثال طور هن مهيني ۾ 5 نمازن سان گڏوگڏ روزانو 10 نفلَ پڙهندُس، پوءِ اينهدڙ مهيني 10 جي بدران 20 نفل، پوءِ ٽئين مهيني 30 نفلَ ❁ ائين ئي روزن جو به گراف بڻجي سگهي ٿو ❁ تلاتِ قرآن جو ❁ درودِ پاڪ پڙهڻ ❁ ذِڪرُ الله ڪرڻ جو به بڻجي سگهي ٿو، ڪاش! اسان پنهنجو ايمان مضبوط ڪرڻ، دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت وڌائڻ جي لاءِ فڪرمند ٿي وڃون.

الله پاڪ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ کي سلامت رکي، سندن هن پُرفتن دور ۾ نيڪ بڻجڻ ۽ ايمان مضبوط ڪرڻ جي لاءِ اسان کي 72 نيڪ اعمال جي صورت ۾ بهترين نسخو عطا فرمايو آهي، هي 72 نيڪ اعمال

اسلامي ڀائرن جي لاءِ آهن، ان کان علاوه اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 نيڪ اعمال، طالبن جي لاءِ 92 نيڪ اعمال، ننڍن سمجهدار ٻارن جي لاءِ 40 نيڪ اعمال آهن، الحمد للّٰه! هي نيڪ اعمال گهڻي قدر ايمان جي انهن شعبن تي مشتمل آهن، جن تي عمل جي برڪت سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي، جيڪڏهن اسان ڪوشش ڪري انهن نيڪ اعمال کي پنهنجي زندگي ۾ نافذ ڪيون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيم! ڪردار به چڱو ٿي ويندو، دل به پاڪ ٿيندي ۽ اللّٰه پاڪ چاهيو ته ايمان به پختو ٿي ويندو. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم

## صديقِ اڪبر ۾ ايمان جي تقاضائن تي عمل

اسان جا اڳواڻ، مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صِدّيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ايمان جي شعبن، ايمان جي تقاضائن تي ڪيئن عمل ڪندا هئا. اچو ٻڌو! حضرت ابو اُمامہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، هڪ ڏينهن رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي فرمايو: اڄ ڪنهن روزو رکيو آهي؟ تمام صحابہ خاموش رهيا حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه! مون رکيو آهي. سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻيهر پڇيو: اڄ ڪنهن بيمار جي عيادت ڪئي آهي؟ تمام صحابہ خاموش رهيا، حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن وري هائو ۾ جواب ڏنو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ٽئين ڀيري پڇيو: اڄ اللّٰه جي راهہ ۾ صدقو ڪنهن ڏنو آهي؟ ان تي به ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ چيو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون ڪيو آهي.

هي ٻڌي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُسڪرايو پوءِ فرمايائون: ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! هڪ ڏينهن ۾ هنن عملن کي (نهايت ڪامل ايمان واري) مومن ئي جمع ڪيو ۽ اهو هنن اعمال جي

ذريعي ئي جنّت ۾ داخل ٿيو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰـه! الله پاڪ اسان کي به اهڙو جذبو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی![2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ ۽ اهلِ بيت ۽ اولياءِ ڪرام جو فيضان ماڻڻ، گناھ ڇڏڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت ۽ مضبوطي جو فڪر حاصل جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر ڇنڇر جي ڏينهن نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل تي براءِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، جنهن ۾ بيشمار عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ حاضر ٿي ڪري علمِ دين جون برڪتون حاصل ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي شهرن / علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪندا آهن ۽ مدني چينل، سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب، فيس بُڪ وغيره) جي ذريعي تہ سڄي دنيا ۾

---

[1] معجم ڪبير، جلد:4، صفحہ:317، حديث:7732.

[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:102.

بيشمار جاين تي ڏنو ويندو آهي،

پيارا اسلامي ڀائرو! رجبُ المُرجب جو برڪتن وارو مهينو تشريف وٺي اچڻ وارو آهي الحمد للّٰه! ھرين رجبُ المُرجب کان 7 رجبُ المُرجب تائين اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل تي براءِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا تمام عاشقانِ رسول مدني مذاڪري ۾ پنهنجي شرڪت کي يقيني بڻائن اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! خوب علمِ دين جون برڪتون حاصل ٿينديون. اچو! هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## علم ۽ حڪمت ڀريو مدني مذاڪرو

پنجاب، پاڪستان واھ ڪينٽ (ضلع راولپنڊي) جي هڪ نوجون جو بيان آهي: نمازون قضا ڪرڻ، فلمون ڏسي ڪري شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره ٻڌڻ منهنجو معمول هو، افسوس! مان سنّتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هيس، منهنجي گناهن سان ڀريل زندگيءَ ۾ بهار هيئن آئي جو هڪ ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. انهن مون کي سمجهائيندي اجتماعي سنّت اعتڪاف جو ذهن ڏنو، انهن جي پياري انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي اثر ڪري وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿي ويس، هاڻي منهنجا رات ڏينهن عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پُر سوز بيانات ۽ رقت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي، ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو جو اجتماعي اعتڪاف ۾ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن پُر اثر ملفوظات سان مان ايتري قدر متاثر ٿيس جو مون فوراً پنهنجي سابقہ گناهن کان توبھ ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو عزم ڪري ورتو، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ترغيب ڏيارڻ تي چند رات تي گهر وڃڻ بدران راھِ خدا جو مسافر بڻجي ويس جتي علمِ دين جي سنهري موتين

سان دامن پرڻ جو موقعو مليو ۽ سنّتون سکڻ سان گڏوگڏ انهن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ دل ۾ چوليون هڻڻ لڳو.

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اَخلاق کا، تہذیب کا، طریقت کا خزینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ماهوار فيضانِ مدينہ جو هفتو

**[*BOOKING WEEK OF MONTHLY MAGAZINE FAIZAN E MADINA*]**

## 5 جنوري کان 12 جنوري 2023ء

ماهوار فيضانِ مدينہ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ هڪ مڪمل فيملي اسلامي ميگزين آهي جيڪو هن وقت 7 زبانن اردو، عربي، انگريزي، گجراتي، بنگالي، هندي ۽ سنڌي ۾ جاري تي رهيو آهي. توهان بہ پنهنجو ميگزين سڄي سال جي لاءِ بُڪ ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## سالانہ بُڪنگ

| | | | |
|---|---|---|---|
| سادو ميگزين | 1700 روپيا (12شمارا) | عربي ميگزين | 1200 روپيا (سال جا 4 ميگزين) |
| رنگين ميگزين | 2500 روپيا (12 شمارا) | انگلش ميگزين | 3600 روپيا (12 شمارا) |

## بڪنگ ڪرائڻ جو طريقو

❁ شعبہ تقسيم رسائل جي ذميدارن کان رابطو ڪيو. ❁ پنهنجي شهر جي قريبي مڪتبة المدينہ تي بہ سالياني بڪنگ ڪرائي سگهجي ٿي. ❁ مڪتبة المدينہ جي آفيشل ويب سائيٽ تي آن لائن بڪنگ ڪرائي سگهجي ٿي.

/https://maktabatulmadinah.com

۞ ڪيو آر ڪوڊ اسڪين جي ذريعي به بڪنگ ڪري سگهو ٿا. ۞ ڪال سينٽر تي رابطو ڪري بڪنگ ڪرائي سگهو ٿا. (بڪنگ جي وڌيڪ معلومات ۽ تجويزن جي لاءِ هن نمبر 0313-1139278 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آٽيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ ڪرڻ جون سنّتون ۽ آداب

۽ فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) ٻه رڪعتون مسواڪ ڏئي ڪري پڙهڻ بنا مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي.[2] (2) مسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇوته هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي.[3] اي عاشقانِ رسول! ۞ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪوڙ ڀيرا مسواڪ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ وقت به ۽ جاڳڻ وقت به ۞ بنا سٺي نيّتن جي

---

[1] تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

[2] اَلتَّرغِيب وَالتَّرهِيب، ڪتاب: الطهارة، الترغيب فی السواک، صفحه:86، حديث:18.

[3] مسندَ امام احمد، جلد:2، صفحه:438، حديث:5869.

ڏندڻ جا طبي فائده (*Physical Benefits*) حاصل ته ٿيندا پر ثواب نه ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ مسواڪ ڪرڻو هجي ته هيئن ٽي نيّتون ڪري وٺو: رضاءِ الاهي، سنّت جي ادائگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ مسواڪ ڪندس ❁ مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو ❁ حضرت عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه (10) خوبيون آهن: وات صاف ڪندو آهي، مهارن کي مضبوط بڻائيندو آهي، نظر وڌائيندو، بلغم پري ڪندو آهي، وات جي ڌپ ختم ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿيندو آهي، نيڪي وڌائيندو ۽ معدو درست ڪندو آهي ❁ مسواڪ ساڄي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي. ❁ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه جو هيءُ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد: 3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

سنتيں سيکھنے تين دِن کے لئے — ہر مہينے چليں، قافلے ميں چلو
رب کے در پر جُھکيں، اِلتجائيں کريں — بابِ رحمت کھليں، قافلے ميں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

[1] 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:47-50۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ته دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٔ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1… القول البديع، الباب الثانی، ص277

2… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3… القول البديع، الباب الاول، ص3125

4… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کیفیة الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

2… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455